**رقيہ عامر،**
ليڪچرار سنڌي، گورنمينٽ
گرلس ڊگري ڪاليج محراب پور
پي. ايچ. ڊي اسڪالر.

# شاهه لطيف جي سر ڪيڏاري ۾ بهادريءَ جو فلسفو

# SHAH LATIF's PHILOSOPHY OF THE BRAVERY IN SUR KADARO

**Abstract**

In this 'Sur' shah Abdul Latif explain the character of imam Hussain in the form of bravery & struggle for truth and reality. this Sur awares about the high qualities of humanity in this Sur Latif not only prove the love and affection of imam Hussain but it is the model to tell about the truth, faith and not only the sacrifice of life but the sacrifice of everything to show the faith and bravery.

In this Sur Shah Abdul Latif by describing the slaughter of Karbala scotches the battle field, battle craft and battle knights and their wives' bravery, character and best attitude. There are great other examples of life sacrifice in the history of the world but there is no any example like Karbala. Prophet Christ sacrifice life on slab and Mansour expired by hanging but imama Hussain bears hunger, thrust and other hardness of battle and sacrifice his life for truthfulness and show the example of great bravery and sacrifice in the history. Latif gives more priority to the event of Karbala then the common event of death. Struggle leads to sacrifice. In this article Latif express how to sacrifice the life for the truth and aware the people that what is the actual bravery and the tries his best to clear all this concept.

**شاهه لطيف جو سر ڪيڏارو، هن سر ۾ بهادريءَ سان حق جي راهه تي هلندڙن جي بهادريءَ جو فلسفو سمايل نظر اچي ٿو. لطيف هن سر ۾ خاص طور**

امام حسين عليہ سلام جي ڪردار، سورهيائيءَ، دليريءَ، جدوجهد، ۽ ڪربلا جي سچي پسمنظر کي موضوع سخن بڻايو آهي. ڊاڪٽر گربخشاڻي پڻ انهيءَ راءِ جو آهي تہ:”شاهہ لطيف امام حسين عليہ سلام ۽ سندس جنگ جي جوانن جي ننڍڙيءَ ٽوليءَ جي همٿ ۽ بهادري، ڪربلا جي ميدان جون سختيون (هن سر ۾) بي نظير نموني بيان ڪيو آهن. ڪٿي ڪٿي تہ اهڙا اثرائتا لفظ ڪتب آندا اٿس، جو انهن شين، جن لاءِ اهي لفظ استعمال ڪيا ويا آهن، تن جو پڙلاءُ ڪن تي پيو پوي مثلاً:

اُنِ سين طبل، باز، تَبرُون، ڳُندَ، ڳتارا،ڪِيرَ،

انگريزي شاعر جان ملٽن جي رزمي شعر جي هيءَ هڪ خاص خوبي ليکي ويندي آهي تہ شهيدنجي شهادت تي ساري فطرت ماتم ڪري ٿي. اهڙي خيال کي انگريزي شعر ۾ ”پئٿيٽڪ فئلسي“ ۽ عربيءَ ۾”مجاز عقلي“ ڪري چوندا آهن“(1). شاهہ لطيف جي هن شعر مان معلوم ٿئي ٿو تہ امام حسين عليہ سلام سان گڏ ڪربلا جي سيني شهزادن جي شهادت تي ساري فطرت جوماتم ڪرڻ هن بيت مان واضح ٿئي ٿو.

حسن مير حسين کي ، رُنو ٽِنِ ٽولن ،<br>
گهر ماڙهُوئين، جَهنگِ مِرُوئين، اُڀِنِ ۾ ملڪن،<br>
پکين پاڻُ پڇاڙئو ، تہ لڏيو هوت وڃن،<br>
الا! شهزادن ، سوڀُون ڏئين ، سَچا ڏڻي!.

سر ڪيڏارو هڪ رزميہ يا رجزيہ داستان آهي. رزم لفظ جيمعنيٰ، جنگ جي ميدان ۾ جيڪي ڪجهہ ٿئي، ان جو هوبهو نقشو چٽي شاعريءَ ۾ بيان ڪرڻ. ”سنڌي لفظ ”رزم“ عربي ادب جي ”رجز“ جي ئي بگڙيلصورت آهي، جيڪا مضمون جي لحاظ کان شاعريءَ جي اوائلي مشهور صنف آهي. ۽ خليل بن احمد بصريءَ جي ترتيب ڏنل علم عَروض ۾ ”مستفعلن“ وزن جي بحر جو نالو پڻ آهي. رجز انهن شعرن کي چئبو آهي، جي ميدان جنگ ۾ ۽ فخر جي موقعي تي پنهنجي قوم جي مردانگي ۽ شرافت ڏيکارڻ جي لاءِ پڙهيا ويندا آهن. گهڻو ڪري اهڙي قسم جا شعر انهيءَ بحر ۾هوندا آهن. رجز جي بي معني ”اضطرابي ۽ شتابي جي آهي. بهادريءَ جا شعر جيڪي ميدان جنگ ۾ پڙهيا ويندا آهن. اهو وقت اضطرابي جو هوندو آهي. انهيءَ سبب ڪري انهيءَ بحر جو نالو بہ رجز رکيو

ويو“.(2)

ڪاري ڪڪر هيٺ ، مُون جهيڙندا ڇَڏِيا،
ڪارا ڪُندَ هٿن ۾ ، اَڙَلَ وَڇيرا هيٺ،
ٿي تنين سين ڏيٺ ، موتِئُ جنين ميهَڻو

اهو ئي سبب آهي جو سنڌي ادب ۾اهڙي قسم جي شاعري، جنهن ۾ جنگ جي ميدان ۾ جوانن جي بهادريءَ بابت بيان ملي، ان کي رزميہ (رجزيہ) شاعريءَ جي زمري ۾ آندو ويجي ٿو. انهيءَ بابت ڊاڪٽر محمد ابراهيم خليل جي راءِ ڪافي وزندار آهي،ڊاڪٽر صاحب جي خيال ۾ تہ:”رزميہ شاعري، شاعريءَ جي صنفن ۾ بلند درجو رکي ٿي. جو ان ۾ بهادريءَ جا ڪارناما ۽ سپاهين جي شجاعت جا جوهر ۽ جذبا، نهايت دلپسند نموني ۾ بيان ڪيا وڃن ٿا. بلند اقبال ۽ ڪامياب قومن جي شاعرن، هر دور ۾ بهادريءَ جي جذبن جي واکاڻ ڪئي آهي. سندن رزميہ ڪلام اڄ ڏينهن تائين سڄي دنيا ۾مشهور آهي. جهڙوڪ يونان جو مشهورشاعر هومر، جنهن جو رزميہ ڪلام ”اليڊ“ (Iliad) ۽ ”اوڊيسي“( Odyssey) نظمن ۾آهي. ايران جي مشهور شاعرفردوسي، جنهن کي رزميہ شاعريءَ جي پيغمبرن مان ليکيو ويو آهي. تنهن جو ”شاهنامو“، جنهن سبب کيس ”ايران جو هومر“ بہ چيو ويندو آهي.عرب شاعرن جو رجز عرب شاعر هڪ قبيلي کي ٻئي سان مقابل ٿيڻ تي ميدان ۾ڳائيندا هئا. بهادريءَ جي انهيءَ جذبي کي اسلام نهايت عمدي نموني سان درست ڪري پيش ڪيو آهي. جو اهو جذبو جهاد في سبيل الله ۽ دين جي حفاظت ۽ اسلام جي تبليغ لاءِ ڪم آڻي سگهجي ٿو.انهيءَ طريقي جو ثبوت اسلامي جنگين ۾ نظر اچي ٿو“.(3). اهڙي قسم جي بهادريءَ جو منظر شاهہ لطيف هن طرح بيان ڪري ٿو.

ڪربلا جي پڙ ۾ ، خيما کوڙيائون،
جهيڙو يزيد سامُهون، جنبي جوڙيائون،
منهن نہ موڙيائون ، پسي تاءُ ترار جو.

شاهہ لطيف جتي ڪائنات جي ذري پرزي کي شاعريءَ ۾ شامل ڪيو. اتي ڪربلا واري قضيي کي پڻ هڪ سر ۾ سمائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. ان جنگ جي ميدان جي اهڙي انداز سان منظرڪشي ڪئي آهي، جو هن سر کي پڙهندي ائين محسوس ٿئي ٿوجڻ شاهہ لطيف اتي ان وقت موجود هجن. اهي

حقيقتون تمام باريڪ بيني سان بيان ڪيون آهن. جن مان نہ رڳو بهادرن جي بهادري واضح ٿئي ٿي، پر پڙهندڙ تي هڪ درد جو سحر تاري ڪري ڇڏي ٿي. انهيءَ ڪري هتي لفظ ڪيڏاري جي لفظي ۽ اصطلاحي معنيٰ کي سمجهڻ ضروري آهي، جيئن هن سر جي فلسفي کي آسانيءَ سان سمجهي سگهجي.

## ڪيڏاري جي لفظي ۽ اصطلاحي معنيٰ:

لفظ ڪيڏارو ٻڌڻ سان ئي جنگ جي ميدان جو تصور، خاص طور تي ڪربلاجي شهيدن جوسمورو پسمنظراکين اڳيان ڦري اچي ٿو. جنگ کي ڪيڏارو پڻ چيو ويندو آهي. ڊاڪٽرگربخشاڻي سر ڪيڏارو جي معنيٰ بابت، پنهنجي تحقيق ۾ ڄاڻايو آهي تہ:" ڪيڏارو سنسڪرت لفظ "ڪيدار" جي بگڙيل صورت آهي، جنهن جي معنيٰ آهي،"جنگ جوميدان"، هندستاني گوئين جي راءِ موجب،"ڪيداري" هڪ راڳڻي جو نالو آهي، جا ديپڪ راڳ جي پنجن ڀارياڻن (زالن) مان هڪ آهي"(4). ٻين سيني محققن بہ ڊاڪٽر گربخشاڻي جي تتبع ڪندي، بغير ڪنهن تحقيق ڪرڻ جي، ساڳي ئي معنيٰ لکي آهي. جنهن ۾غلاممحمدشاهواڻي لکي ٿو:

> "ڪيداري، هڪ هندستاني راڳڻيءَ جو نالو آهي، جاديپڪ راڳ جي پنجن ڀارياڻن (زالن) مان هڪ آهي."(5)

اهڙي طرح آڏواڻي ڪلياڻ پڻ ساڳي ئي تتبع جو قائل آهي:"ڪيڏارو، سنسڪرت شبد"ڪيدار" جي بگڙيل صورت آهي،جنهن جي معنيٰ آهي:"جنگ جو ميدان". "ڪيداري" هڪ راڳڻي پڻ آهي، هن کي"سمپورڻ" راڳڻي ڪري سڏيندا آهن. هي سر مرثيہ ۽ رزمي شعر جو هڪ لاثاني مثال آهي"(6). "ڪيداري" ڪلياڻ ٺاٺ جي راڳڻي آهي، جڏهن تہ "ڪيڏارو" ديسي راڳ ۾ شمار ٿئي ٿو. انهيءَ ڪري ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ پنهنجي تحقيق ۾ ان ڳاله جي کولي وضاحت هن طرح ڪئي آهي تہ:"سنڌي راڳ، " ڪيڏارو" هند جي "ڪيدارا" کان الڳ آهي. هند جي موسيقي جي روايت ۾"ڪيدار" شِوَ جو نالو آهي ۽ "ڪيدارا" يا "ڪيداري" شِوَ جي پيتا جو راڳ آهي. ان جي برعڪس سنڌي ڪيڏارو اصل ۾ جنگنامي جو سر آهي ۽ عربي لفظ "ڪيد" (معنيٰ جنگ) مان نڪتل آهي. انهيءَ ڪري سنڌي اصطلاح ۾"ڪيڏارو" جون بہ معائنون آهن: هڪڙي معنيٰ جنگ ۽ ٻي معنيٰ جنگنامي جو سر يعني راڳ ڪيڏارو

رسالي جو بيت آهي تہ:

ڳجهڙين ڳارو ، راتو ڏينهان رڻ ۾
پوٽيون پڇن پاڻ ۾، ڪنهن پر ”ڪيڏارو“
ڪائن ڪڳ مارو ، ڪانئر پيو ڪِنو ٿئي.

يعني ڳجهڙيون اڏامندي اها پڇار پيون ڪن تہ جنگ ڪهڙي پاسي آهي، تہ هلي ڪو ڏوهُ ڪريون“.(7)

اهڙي طرح جيڪڏهن هن سر کي درد ۽ تڪليفن سان گڏوگڏ بهادري، شجاعت ۽ دليريءَ جو سر چئجي تہ وڌاءُ نہ ٿيندو. انهيءَ بابت ڪلياڻ آڏواڻيءَ جي راءِ پڻ ڪافي وزندار لڳي ٿي، هن جو خيال آهي تہ:”هن سر ۾ شاهہ لطيف، ڪربلا جي قضيي (۽) حق جي راهہ تي هلندڙن جي سورن ۽ سختين جو (فلسفو ڏنو) آهي. انهيءَ سان گڏ جنگ جي ميدان، جنگي اسباب، جنگي فن، جنگي سورمن ۽ سندن زالن جي دليريءَ ۽ اعليٰ سيرت جو حيرت انگيز نقشو چٽيو آهي.“(8).جيڪو هن بيت ۾ هيئن سمايل آهي.

چنڊ وِهاڻيءَ چڙهيا ، مَلَ مَدينئان گهوٽَ،
اُنِ سين طَبَلَ، بازَ ، تَبَروُ ، نيزا ۽ نيشان،
عليءَ پُٽَ اَيامَ ، ڳَندا راڙو رُڪَ سين.

اهڙي طرحشاهہ لطيف جيهڪئي محقق،جي ايم سيد،پنهنجي ڪتاب”پيغام لطيف“ ۾سر ڪيڏارو بابت پنهنجا خيال بين ڪان مختلف ۽ هٽي ڪري، هن طرح پيش ڪيا آهن، هو لکي ٿو تہ:”هي هڪ اسلامي تاريخ جو غير معمولي افسوس ناڪ واقعو آهي، ان ڪري ان کي، پنهنجي ڪلام ۾جاءِ ڏيڻ سندس عام اَصول جي برخلاف نہ آهي. هن قصي ۾ جيڪي خاص خصوصيتون آهن، تن شاهہ لطيف تي (وڏو) اثر ڪيو ٿو ڏسجي. (جنهن ۾) ماڻهن جي ڪثرت جو ناحق تي گڏ ٿيڻ، امام (حسين عليہ سلام) کي مرغوب نہ ڪري سگهيو. حڪومت ۽ طاقت اڳيان باوجود بي سروسامانيءَ جي،سرنہ نمايائين. حق لاءِ لڙندڙن جي ساراهہ ۽ بزدليءَ کي ننڌڻ، سچن ۽ با اصول ماڻهن جو سچ جي راهہ ۾ سختيون سهڻ ۽ اوج حاصل ڪرڻ، (اهي) خاص ڳالهيون آهن“.(9)جيڪي شاهہ لطيف تي اثر انداز ٿيون آهن، جنهن کي بيتن ۾ بيان ڪري، بهادري ۽ سجاڳيءَ جو فلسفو هن سر ۾ سمجهايو آهي.

ڪِلي وير ڳَنڍَ ۾ ، پاڪر جو پائي،
اَجا اُنُ کي جيئڻ جو ، آسانگو آهي،
سُورهيہَ سو چائي ، جو رُڳو ئي رتِ ڳهڙي.

## سر ڪيڏاري ۾ بهادريءَ جو فلسفو:

هي سر شاهہ لطيف جو رزمي يعني جنگي سر آهي. جنهن ۾ امام حسين ۽ سندس ٻاهتر (72) ساٿين جو حق ۽ سچ جي راهہ ۾ جان و مال قربان ڪري، دنيا ۾ حق ۽ باطل ۾ فرق کي ظاهر ڪرڻ، ان جي سچائي ۽ جدوجهد جي فلسفي کي اجاگر ڪيو ويو آهي. جيڪڏهن ڏٺو وڃي تہ عام طور تي شهادت جي موت لاءِ ماڻهو دعائون گهرندا آهن، جو شهيد زندهہ آهن.جنهن لاءِ قرآن پاڪ پڻ شاهدي ڏئي ٿو تہ شهيدن کي مئل نہ چئو.قرآن ڪريم جي سورت البقرہ، سيپارو 2، جي آيت نمبر153 ۾ هيئن فرمايل آهي تہ:" وَلَاتَقُولُوالِمَن يُقتَلُ فِي سَبِيلِ اللهِ اَموَاتُ بَل اَحيَآءُ وَّلٰكِن لَّا تَشعُرُونَ". ترجمو:"جيڪي الله جي راهہ ۾ شهيد ٿيا انهن کي مئل نہ چئو بلڪ اهي جيئرا آهن، پر توهان (انهن جي زندگي) نہ ٿا سمجهو".

ان ڪري شهادت ماڻڻ، انسان جي زندگيءَ جو هڪ اعليٰ مقصد هوندو آهي. "ڏٺي پنهنجي پيارن کي سختيون ٿو سهائي، انهيءَ ۾اونهو راز ۽ (اعليٰ مقصد) سمايل آهي"(10). انهن بهادرن جي ڳالهہ شاهہ لطيف هن طرح بيان ڪري ٿو.

ڪِلي ويرَ ڳَنڍَ ۾ ، ساٿُو سَڀِ نہ هُونِ،
پِڙَ تي سيئِي پون ، موتَڻُ جَنِين مِهَڻُو.

دنيا جا ڪامياب انسان اهي آهن، جيڪي پنهنجي زندگيءَ کي ڪنهن اعليٰ مقصد جي حاصلات لاءِ وقف ڪري ڇڏيندا آهن. حالتون ڪٺي ڪهڙيون بہ هجن، ڀلي سموري دنيا مخالفت ۾ هجي، پر هر وقت قربانيءَ لاءِ تيار رهن ٿا. اهي ئي"مقصدي ماڻهو پنهنجي حقيقي دوست جي مظهرن جي حفاظت ۽ بقا لاءِ، پنهنجي جان قربان ڪري ڇڏيندا آهن. اها انهن مقصدي ماڻهن جي قرباني ئي آهي، جو اڄ اولاد آدم کي صداقت ۽ حسن جون خوبيون حاصل آهن. نہ تہ هي ڪائنات ظلم جي آڙاهہ ۾ وڃي ڪري ها. انهيءَ ۾ (ڪوئي) شڪ نہ آهي تہ هن ڌرتيءَ جو چمن ڪيترن ئي مقصدي ماڻهن جي خون جي سيرابي سان سرسبز ۽ شاداب ٿيو آهي"(11). دنيا جي انهن شهيدن جي شهادت"سندن

شهادت جي برڪت سان ئي دنيا ۾ حق جو گلشن هميشہ سرسبز ۽ شاداب ٿو رهي. اهڙيءَ ريت هو پاڻ کي فنا ڪري، بقا کي ٿا رسن ۽ ابدي عيش ٿا ماڻين"(12)جنهن لاءِ لطيف چئي ٿو تہ:

جنت سندي جوءِ، فائق هليا فردوس ڏي،
فاني ٿيا "في الله" ۾ ، هُوءِ ۾ پِياهُوءِ،
رَبَ! ڏيکارِيين رُوءِ ، اُنِين جي اِحسانَ سين!

اهڙي ريت سجاڳي، جدوجهد ۽ "جاکوڙ جو اولين محرڪ،"عشق" آهي. جاکوڙيءَ جو محور حق ۽ سچ تي آهي. دل جي سچائي ۽ صداقت، عشق لاءِ بنيادي ضرورت ٿئي ٿي. شاهہ لطيف حاصل مطلب "عشق" کي ئي ٻڌايو آهي. سندس موجب، عشق ئي انسان کي سِرَ تي سختيون سهڻ ۽ ڏاڍي سان اکيون اکين ۾ وجهي مهاڏو اٽڪائڻ جي طاقت بخشي ٿو. ۽ اهڙين عشق ئي جاکوڙ ڪرڻ جو باعث بنجي ٿو"(13).اهڙي عشق جي ڪري انسان بهادر بڻجي ٿواهڙو فلسفو لطيف هن طرح ٻڌائي ٿو:

ذرو ناهہ يزيد کي، ايءَ عشق جو آثار،
ڪسڻ جو قرار، اصل امامن سين.

ٻئي بيت ۾ لطيف چئي ٿو تہ:

ذرو ناهہ يزيد کي، نسوروه ئي نينهُن،
مرگ آهي مينهن، عليءَ جي اولاد کي.

لطيف هن بيت ۾ هن طرح عشق جو بيان ڪري ٿو:

ڪامل ڪربلا ۾، آيا جنگ جوان،
ڏرتي ڏبي لرزي، ٿرٿليا آسمان،
ڪرهہ هئي ڪان، هو نظارو نيهن جو.

ڪربلا جي ميدان تي حق جي راهہ ۾ شهيد ٿيندڙخدا جا سچا عاشق هئا، "حق خدا جي صفت آهي ۽ خدا جي محبت ۽ اطاعت، حق جي لاءِ لڳن، قربانيءَ کي ايپاري ٿي. حق سان محبت در حقيقيت خالقِ حقيقيءَ سان عشق جي مظهرن مان آهي"(14).ان لاءِ لطيف اونهي عشق جي اسرار جي سجاڳيءَ جو فلسفو هن طرح سمجهائي ٿو تہ :

دوستَ ڪُهائي دادُلا ، مُحِبَ مارائي،

خاصَن خَلِيلَنِ ڪي، سَختِيُونسَهائي،
اَللهُ اَلصّمَدُ بي نِيازُ سا ڳري جا چاهي،
اِنهيءَ مَنجِه آهي، ڪا اُونِهي ڳالِهه اِسرارَ جِي.

دنيا جي ڏرتيءَ تي "ڪربلا جو قضيو امام حسين عليہ سلام جي دليرانہ، مردانہ وار جنگ جو واقعو آهي. حق جي بلنديءَ لاءِ جدوجهد ئي دليري آهي. يعني جيڪڏهن غلط چوندڙ طاقت ۾ آهي، يا هجوم تنهن سان گڏ آهي، تہ پوءِ اهڙي سمي نهڪر، بغاوت سڏبي، اها نهڪر ئي بهادري آهي. بهادر جي سچي زندگي جاکوڙ آهي. پنهنجي فطرت ۽ مزاج ۾ هو سگهارو آهي. وقت بوقت ڪنهن نہ ڪنهن چٽاڀيٽي سان مهان منهن هوندو. غلط کي غلط چوندو حق لاءِ آواز اٿاريندو، ناحق ۽ ڏاڍ کي نِنديندو ۽ ڪمزور ۽ ڏتڙيل جي حمايت ڪندو"( 15). جنهن لاءِ لطيف چئي ٿو تہ:

هَٽَڙُ هَڳلڙُ ، ٻيلي سارَڻُ ، مانجِهيان اِيءَ مَرڪُ،
وِجهن تان نہ فَرقُ ، رُڪَ وَهَندِيءَ راندِ ۾.

اهو بهادر اڳواڻ جو نمون ۽ خاصيت آهي، تہ هو وار بہ ڪندو، پنهنجا ساٿي بہ ساريندو، انهن جي نگهباني بہ ڪندو ڇو تہ اهو سندس بهادريءَ جو شان آهي.انسان جي زندگيءَ جو ڪو منشور يا ڪو نصب العين ضرور هوندو آهي. ان ڪري "پنهنجي نصب العين جي عظمت ۽ صداقت جو اعتماد ئي ماڻهوءَ کي قربانين ڏيڻ جي همت ڏئي ٿو"(16). جيڪڏهن ڏسجي تہ سماج ۾ انساني ترقي ۽ بقا جي لاءِ"آزادي، انصاف ۽ مساوات کان گهٽ ڪوبہ نصب العين ماڻهن کي قرباني ڏيڻ تي آماده نٿو ڪري سگهي"(17). ان لاءِ انسان جي زندگيءَ جي جدوجهد جا ڪي محرڪات هوندا آهن. جن جو بنياد ڪن سببن تي ٻڌل هوندو آهي. امام حسين جي اڳيان اهو منشور، حق جو پرچار هو. سندس ارادو غلط کي غلط چوڻ هيو. سندس جنگ، سچ ۽ ڪوڙ کي واضح ڪرڻ، حق ۽ باطل جي درميان، فرق کي مٽائڻ تي ٻڌل هئي."هن لاءِ هڪ نهايت ڏکيو مرحلو هيو. هو ڪنهن بہ طرح اهو نہ پيو چاهي تہ حق جي نفي ٿئي. ڪيس ان ڳالهہ جي پرواهہ نہ هئي تہ ڏاڍي جي مخالفت ۽ ان جا نتيجا ڪيترا ڪٺن ۽ صبر آزما هوندا. ڪيس علم هيو تہ ڏاڍي کي ڏاڍو چوڻ، ڪڙو سچ آهي. جنهن جي عيوض قربانين لاءِ تياري لازمي عنصر آهي. پر هو اهو بہ نہ پيو چاهي، تہ حق جو ڪلمو چوڻ ڪنهن

ذاتي مفاد جي شڪل ورتي. هن جي ڪا پنهنجي دعويٰ نہ هئي، هو تہ حق جي برتري چاهي پيو. اهو ئي سبب آهي، تہ اسان ڪيس نهايت ئي محتاط ڏسون ٿا“(18). امام حسين ان حق جي سچائيءَ جي جدوجهد لاءِ پاڻ سان اهل و عيال، عزيز، دوست، ساٿي سڀ ساڻ گڏ ،ان سفر تي نڪتا. تڏهن مديني مان روانگيءَ کان پهريائين پاڻ انهن سيني ساٿ وارن سان مخاطب ٿي چيو تہ:”مون سان گڏ اهو هلي، جيڪو انهيءَ ڳالهہ ۾ يقين رکندو هجي، تہ هو مقدس مقصد جي راهہ ۾ پنهنجي خونِ دل نثار ڪندو. پنهنجي زندگيءَ ۾ شخصي تعلقات تان دستبردار ٿي ويندو“(19). ان لاءِ هن چيو تہ :”مون سين هلي سا، جا جي! منو نہ ڪري“. ان لاءِ شاهہ لطيف چئي ٿو:

حُرُ هَلِي آئِيو ، مانجِهي مَردانو ،
آهيان عاشق آڳِ جو ، پَتَنگ پَروانو
مانَ راضي ٿِئي رَسُولُ رَبَ جو ، نَبِي تو نانو
هِيُ سِرُ سَمانو ، گهُوتَ ! مَٿائين گهوريان.

امام حسين جي دور ۾ سمورو ”زمانو ايئن خاموش هيو جو سمجهجي تہ مسلمانن ۾ سچ ۽ ڪوڙ نيڪيءَ ۽ بديءَ جو ڇڻ احساس ئي ختم ٿي ويو هيو. لالچ ۽ دهشت جي موجودگيءَ ۾، انصاف جي ڳالهہ ڪرڻ بہ ڇڻ گناهہ هئي. اسلام فقط ظاهري ارڪانن جي ادا ڪرڻ تائين محدود ٿي چڪو هيو. حق جي ڳالهہ بغاوت سمجهي ٿي وئي. اهڙي ماحول ۾ جرئت ڪنهن کي هئي، جو اڳتي وڌي ۽ سچ چئي ڏي؟“(20).

سچائيءَ متعلق ڊاڪٽر ادل سومري جو خيال آهي تہ:”سچائيءَ کي چئي ڏيڻ ئي ضروري آهي. ڪٿي ان کي لڪائي ويڙهي سيڙهي بيان ٿو ڪجي تہ، ڪٿي ان جو لهجو نرم ٿو رکجي. پر ڪي سچائيون آفاقي آهن. جن ۾ هڪ للڪار هوندي آهي. جن جي سگهہ هر دور ۾ ساڳئي رهي ٿي“(21). اهو ئي سبب آهي جو”سچا انسان ڪڏهن بہ ظلم ۽ ستم اڳيان نہ ٿا جهڪن ۽ پنهنجي جان سائين تان صدقو ڪرڻ ۾ سعادت ٿا سمجهن“(22). انهيءَ ڪري ”سچ تا سر صدقي ڪندڙن جا مثال، دنيا جي تاريخ ۾ بيا بہ گهڻائي ليندا، پر ڪربلا جي واقعي جهڙو رقت آميز حادثو مشڪل ملندو. حضرت عيسيٰ صليب تي سر ڏنو ۽ منصور سوريءَ تي پساهہ ڇڏيو پر امامن جهڙي آزمائش ڪنهن سان ڪانہ ٿي. هت

ته هر هڪ، پاڻي جي بوند لاءِ سڪي، بک ۾ پاهه ٿي سچ تان سر صدقي ڪيو“(23). اهڙي طرح”حق ۽ ناحق جي تصادم جنهن صورتحال کي جنم ڏنو تنهن دنيا جي تاريخ ۾ بهادري ۽ قربانيءَ جي هڪ لازوال داستان کي رقم ڪيو“(24). اهو داستان ڪربلا جي ميدان تي حق ۽ باطل جي تفريق لاءِ امام حسين ۽ يزيد جي درميان هئو. ان سچائي ۽ بهادريءَ جي فلسفي کي لطيف هن طرح بيان ڪيو آهي :

هوڏانهن هُن هاڪاريو هيڏانهن هِي هَٽَنِ،
سُرنائُون ۽ سُنڌِڙا ، ٻنهي پارِ ٻُرَنِ،
گهُوٽَنِ ۽ گهُوڙَنِ ، ڙِڻَ ۾ لائُون لَڌيون.

دنيا جي تاريخ تي نظر ڪجي ته،هر دور ۾ ظلم ۽ بربريت جا رڪارڊ ملندا. پر ڪربلا جي قضيي جهڙو واقعو ڪٿي به نه ٿيو آهي. جڏهن”عوام جو اصل اقتدار ۽ اختيار يزيد پاڻ وٽ قبضو ڪيا. عوام طرفان جڏهن به ۽ جتي به ڪوڪ اٿي، اتي ان کي دٻايو ويو جيئين آمريت ۾ٿيندو آهي. هي مثال ڪجهه ائين آهي، جيئن جمهوري حڪومت جو تختو اونڌو ڪري، مارشلا نافذ ڪيو وڃي ۽ ماڻهن کي اهو باور ڪرائجي ته ڊڪٽيٽر کي اصل ۾ حڪومت ڪرڻ جا سمورا حق حاصل آهن. امام حسين ابن علي تاريڪ ڊڪٽيٽر شپ، ظالم و استبداد ۽ مطلق العناني جي مقابلي ۾، نه صرف جانبازي ۽ قرباني جي حد تائين لڙيو. پر پاڻ کي طاغوطي طاقت ۽ جبر جي حوالي نه ڪيو. پاڻ عدالت، آزادي، جمهوريت ۽ رواداريءَ جوهڪ بلند مينار هيو جيڪو يزيد جي مسلح ابليسي طاقت ۽ زيادتين اڳيان ڪڏهن به نه جهڪيو. بلڪ انهيءَ ڳالهه کي ترجيح ڏني ته طاغوتي حڪومت کي تسليم نه ڪرڻ جي نتيجي ۾ اهل وعيال سميت خاڪ و خون مان گذري وڃجي. پر عدالتِ حريت ۽ تقويٰ کي زمين تان نيست و نابود ٿيڻ نه ڏجي. امام حسين،مال، اولاد، عزيز، دوست، ساٿي، مريد ۽ معتقد سڀ پنهنجي اکين آڏو قربان ٿيندي ڏٺا“(25). امام حسين ڏاڍ جي خلاف سچ تان سرصدقو ٿيڻ قبول ڪيو. ڏاڍي کي سڏو سامهون سچ ٻڌائڻ کان نه ڪيٻايو. ان لاءِ هن ڪنهن جنگ جي ارادي سان ڪربلا جو سفر نه ڪيو هو.”انهيءَ ڪري جنگي تياري يا اسلحو وٽس ڪونه هيو. هو ته بي يارومددگار مسافر هيو. لطيف انهيءَ سڄي قصي کي ائين بيان ڪيو آهي، جڻ اکين ڏٺو احوال هجي“(26). ان

فلسفي کي لطيف هن بيت ۾ هن طرح سمايو آهي :

ڏاڙهي رَتَ رَتِياسِ ، ڏَندَ تہ ڏاڙهُونءَ گُلَ جيئَن،
چوڏهينءَ ماهَ چَندَ جيئن ، پَڙَ ۾ پاڳَڙياسِ،
ميڙي ۾ مُحَمّد جي ، مَرُ مرَڪي ماسِ،
تنهن سُورهَيہ کي شاباسِ ، جو مَٿي پَڙَ پُرزا ٿِئي.

جيڪڏهن تاريخ ۾ جهاتي پائي ڏسجي تہ ”لطيف ڪربلا جي قضيي کي هڪ عام قصي کان وڌيڪ حيثيت ڏئي ٿو. سماجي تعلق (social contract)جي اصل بنياد تي پهچي ويئو. جيتوڻيڪ عام مذهبي تصور هر ڳالهہ کي تقدير جي وسيع دامن ۾ وجهي، وساري ويهڻ واري روش طرف مائل آهي. پر هو حق چوڻ وارن جا مثال آڻي، لڪل نقطي طرف اشارو ڪري ٿو. سچن کي تڪليف پلو پئي ٿي. پر اهي عظيم مثال بڻجي ابرن ٿا. انهن جا ڪردار لازوال آهن. انهن سختيون برداشت ڪري، اسان لاءِ اسان کان پوءِ ايندڙن لاءِ راهہ مُتعين ڪئي آهي“(27). ان حق ۽ سچ جي راهہ تي هلندڙن کي لُطف ۽ مزو اچيٿو. سماج جي انهن باغين، آسان، سهولتن ۽ سلامتيءَ جي راهن کي ڇڏي، سخت ۽ ڪٺن راهن جي چونڊ ڪن ٿا. پوءِ اهي اعليٰ مقصدن لاءِ جدوجهد ڪرڻ وارا ئي وڏي عظمت کي پهچن ٿا. انهن جي ان راز کي سمجهڻ جي ضرورت آهي. لطيف ان راز جو فلسفو بڌائيندي چئي ٿو تہ:

سختي شهادت جي، نسورئي ناز،
رِند پروڙين راز، قضيي ڪربلا جو.

تاريخ جي مطالعي سان معلوم ٿيندو تہ ”ڪربلا جو عظيم واقعو دنيا جي حريت پسند تحريڪن ۽ باضمير انسانن لاءِ شيطاني قوتن سان مقابلي تي آماده ڪري ٿو“(28). ان ڪري سڄاڳي، جدوجهد ۽ آزاديءَ لاءِ مهاتما گانڌيءَ چيو تہ: ”آئون هندوستان وارن لاءِ ڪا نئين شيءِ ڪونہ کڻي آيو آهيان، هيءَ سڀ ڪجهہ انهيءَ مطالعي ۽ تحقيق جو نتيجو آهي، جيڪو مون ڪربلا جي بهادر شهيدن جي زندگيءَ مان حاصل ڪيو آهي. جيڪڏهن اسين هندستان کي استعماري طاقت ۽ نوآبادياتي نظامکان آزادي ڏيارڻ ٿا چاهيون تہ اسان کي بہ انهيءَ راهہ تي هلڻو پوندو جيڪا راهہ حسين ابن علي اختيار ڪئي“(29. اهڙي طرح ”جن شخصن کي اڳواٽي ڪرڻي آهي، انهن کي اوپارو وجڻو پوندو، ان ۾

وڏيڪ تڪليف آهي، ڇو ته اهو عام پسند جو طريقو ڪونهي“(30). جنهن لاءِ لطيف سر آسا جي داستان ٻئي (2)، بيت سورنهن (16) ۾ هن طرح چئي ٿو ته :

جي لهوارو لوڪ وهي، تون اوچو وهه اوپارا

اهو ئي سجاڳي ۽ جدوجهد جي راهه جو فلسفو آهي. ڪربلا جي ميدان تي حق جي راهه ۾ شهيد ٿيڻ وارا، جنهن بهادريءَ ۽ سورهيائيءَ سان وڙهي، پنهنجي جان جو نظرانو ڏين ٿا. ته سندن زالن جا فخر وچان ڳاٽ اوچا ٿين ٿا.”لطيف وٽ بهادري، زندگيءَ جي اصل خوش بختي آهي“(31). اهڙو فلسفو هن بيت هيٺن ڏنو اٿائين :

ڪانڌ! ڪلارين ڪپڙين، وَرَ! وڻاهِيو آءُ،
جِتِ سانگين جِي سَٽِ وَهي، اُتِ وِڪَ وَڌَندي پاءِ،
تان تان ٻِئَه مَ پاءِ، جان جان لُوڏين نَه ڇڙهين.

ٻئي هنڌ وري ان بهادر جوڌن جوانن جي زالن لاءِ شاهه لطيف چئي ٿو ته:

مُنهن مٿانهان جَنِ جا ، سي پِتِيو ڪَڏَنِ پارَ،
جيڏِيُون ! هِنَ جونجهارَ ، اُجاري سَڀِ اَڇا ڪِيا.

انهن بهادرن ڪي لطيف جنگ ۾ بهادريءَ سان وڙهڻ جي لاءِ اتساهه ٿو ڏئي، ۽ اصول ۽ قائدا گڏ ٻڌائيندي تاڪيد ڪندي صلاح ڏئي ٿو ته:

سورها! مرين سوڀَ کي، تَه دِلِ جا وَهَمَ وِسارِ،
هَڻُ يالا، وِڙهُ ياڪُرين، آڏِي ڍالَ مَ ڍارِ،
مٿان تِيغَ تَرارِ، مارِ ته متارو ٿِيين.

”انگريزي مورخ ڪارلائل جي خيال ۾امام حسين جا ساٿي خدا تي مڪمل ايمان رکندا هيا. انهن ثابت ڪيو ته حق و باطل جي ڪشمڪش ۾ عددن جي ڪا به اهميت ڪونهي. هو امام حسين جي ڪاميابيءَ تي حيران آهي. جيڪا هن عددي ڪمتري هوندي، حاصل ڪئي“(32). اهو ئي سبب آهي جو”لطيف سمجهي ٿو ته ڪوڙ ۽ ڌوکي خلاف، حق ۽ سچ جي ان جُنگاهُ ۾، سڀ حق پرست حسين سان سندس اضطراب ۾ شريڪ ۽ رفيق آهن. چاڪاڻ جو سچي جو سُورُ هر هڪ سچ جو ساٿ ڏيندڙ محسوس ڪري سگهي ٿو. سچي جي بي گناهه قتل ٿيڻ جو درد، ڪائنات جو ذرو ذرو محسوس ڪري ٿو. ڪو به عظيم ڪم ڪرڻ ڪنهن به گهربل نتيجي کي حاصل ڪرڻ لاءِ جاکوڙ ضروري آهي.

وري جاڪوڙيءَ جو ڏڳ قرباني وارو آهي"(33). اهڙو سجاڳي ۽ جدوجهد جو فلسفو لطيف هن طرح سمجهايو آهي :

ڱوپا ڪِلي ڪوڏيا ، راوتَ ڪِينَ رَهنِ،
سائُنِ سِرَ فِدا ڪِيا ، اڳيان اِمامَنِ.
يُجاهدونَ فِي سَبيلِ اللهِ، ڪَمُ اِهو ئي ڳَنِ،
حُورُون هارَ ہَڌَنِ ، سِهَرا شهيدن ڪي.

لطيف جي نظر ۾"وقتي فائدن کان بي پرواهه، آزادي، انصاف ۽ سچائيءَ جي نظر، قربانيون ڏيندڙ ناڪام ناهن ٿيندا. پر جيڪڏهن باطل جي طاقت وقتي طور تي حق کي ختم به ڪري ڇڏيندي، ته به نيٺ "جيت حق جي ٿيندي".جرمن مورخ موسيو مارين لکي ٿو:"انقلابِ حُسيني ڏاڍ جي خلاف انقلابات جو سرچشمو بنجي ويو. جنهن جوسلسلو اڄ تائين جاري آهي"(34). جيڪڏهن لطيف جي زندگيءَ ۽ حالات تي نظرڪجي ته، سندس سجاڳي ۽ جدوجهد جو فڪر، حسيني جدوجهد جي فڪرکان گهٽو مختلف نظر نه ايندو. جو لطيف عوام ۾ سجاڳي ۽ جدوجهد جي جذبي جاڳائڻ لاءِ جيڪا جدوجهد ڪئي، اها وقت جي جاگيرداري سماجي قدرن خلاف بغاوت هئي. هن وقت جي حڪمرانن سان مهاڏو اٽڪايو ۽ پنهنجو سڄو ڪلام فارسيدرباري ٻوليءَ بجاءِ، سنڌي ٻوليءَ ۾ چيو. ان ڪري لطيف حڪمرانن جي"غير مناسب معاملن تي وقت جي سرڪار کي نهڪر ڪئي. چيو وڃي ٿو ته، انهيءَ ڪري وقت جي حڪمرانن سان سندس اختلاف رهيا. جيڪڏهن روايتن تي ذرو برابر به يقين ڪجي، ته ڪيس زهر آلود عبا ۽ معجون زهر هلاهل ڏنا ويا. اها روايت پڻ مشهور آهي، ته ميان نوُر محمد ڪلهوڙي وٽ هڪ ڏنگي گهوڙي هئي، جنهن گهڻن ئي جا سِرَ ڪنيا هيا. انهيءَ گهوڙيءَ جون بيشمار واڪاڻون ڪري، ڪنهن بهاني سان لطيف کي اُن گهوڙيءَ تي سوار ڪيو ويو. پر اتي به وقت جو حاڪم پنهنجي حربي ۾ ڪامياب نه ٿيو. (لطيف جي) زندگيءَ ۾ اهڙو نقطو ضرور رهيو. جنهن ڪيس انهيءَ سڀ ڪجهه جي مخالفت ۾، جنهن کي هُن غلط ڄاتو. جرئت مندانه انقلابي قدم کڻڻ تي اڪسايو"(35).

ڪربَلا ۾ ڱوڪَ،ساجهُرِ شَهزادَنِ جي ،
عالمَ جا مَلُوڪَ ، رُڪَ روهي جهَلِيا.

10: آڏواڻي،ڪلياڻ،"شاهه جو رسالو"،ڪنڊيارو: روشني پبليڪيشن، 1997ع،ص: 311.
11: سڏايو غلام نبي،ڊاڪٽر،"شاهه جي شاعري ۾ علامت نگاري"،حيدرآباد:ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز 1992ع،ص: 362.
12: آڏواڻي،ڪلياڻ،"شاهه جو رسالو"،ڪنڊيارو: روشني پبليڪيشن، 1997ع،ص: 311.
13: سومرو شهناز،ڊاڪٽر،" شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي ڪلام ۾ جاڪوڙ جي اهميت" ، ڪراچي:سنڌي شعبو ڪراچي يونيورسٽي، 2008ع،ص: 223_224.
14: ساڳيو حوالو ص: 221.
15: ساڳيو حوالو ص: 225_230.
16: ساڳيو حوالو ص: 223.
17: رضوي،اختر،"ڪربلا جو قضيو حق پرستن لاءِ هڪ روشن مثال"،(مقالو): ماهوارنئين زندگي،اپريل،ڪراچي: پاڪستان پبليڪيشن، 1968ع،ص: 4.
18: سومرو شهناز،ڊاڪٽر،"شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي ڪلام ۾ جاڪوڙ جي اهميت"، ڪراچي:سنڌي شعبو ڪراچي يونيورسٽي، 2008ع،ص: 220_221.
19: چنه،محمدعلي، (سنڌيڪار)"واقعه ڪربلا ۽ شجاعت جاودان"، ڪراچي: ماهوارنئين زندگي،آگسٽ،پاڪستان پبليڪيشن، 1991ع،ص: 26.
20: سومرو شهناز،ڊاڪٽر،" شاهعبداللطيف ڀٽائيءَ جي ڪلام ۾ جاڪوڙ جي اهميت" ، ڪراچي:سنڌي شعبو ڪراچي يونيورسٽي، 2008ع،ص: 223.
21: سومرو ادل،ڊاڪٽر،" موجوده دور ۾ سچل سرمست جي ڪلام جي اهميت ۽ افاديت"،ماهوار پيغام،ڊسمبر،ڪراچي:پاڪستان پبليڪيشن، 2006ع،ص: 12.
22: آڏواڻي،ڪلياڻ،"شاهه جو رسالو"، ڪنڊيارو: روشني پبليڪيشن، 1997ع،ص: 311.
23: شاهواڻي، غلاممحمد،"شاهه جو رسالو"، ڪراچي: سنڌيڪا اڪيڊمي، 2005ع،ص: 656.
24: سومرو شهناز،ڊاڪٽر،" شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي ڪلام ۾ جاڪوڙ جي اهميت"،ڪراچي: سنڌي شعبو ڪراچي يونيورسٽي، 2008ع،ص: 221.
25: ساڳيو حوالو ص: 222_221.
26: ساڳيو حوالو ص، 221.
27: ساڳيو حوالو ص: 227.
28: ساڳيو حوالو ص، 223.
29: چنه، محمدعلي،(سنڌيڪار)"واقعه ڪربلاءِ شجاعت جاودان"، ڪراچي:ماهوارنئين زندگي آگسٽ،پاڪستان پبليڪيشن، 1991ع،ص: 25.
30: عباسي،تنوير،ڊاڪٽر،(مقالو)"شاهه لطيف جي شعر ۾ سماجي اوسر"،مرتب،آفتاب ابڙو:شاهه لطيف عظيم مفڪر،ڪراچي: سنڌيڪا اڪيڊمي، 2005ع،ص: 162.
31: سومرو شهناز،ڊاڪٽر،"شاهعبداللطيف ڀٽائيءَ جي ڪلام ۾ جاڪوڙ جي اهميت"،ڪراچي: سنڌي شعبو ڪراچي يونيورسٽي، 2008ع،ص: 224.